SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 2007

# SINDH ACT NO.III OF 2007

# سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2007

# THE SINDH SPEAKER AND DEPUTY SPEAKER (SALAIRES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 2007

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Act No.VII of 1975

3. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2007
# SINDH ACT NO.III OF 2007

## سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2007
## THE SINDH SPEAKER AND DEPUTY SPEAKER (SALAIRES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 2007

[24 آڪٽوبر 2007]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت جوڙيل نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2007 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعه 7 جي

2. سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، دفعه 7 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

**ترميم**
**Amendment of section 7 of Sindh Act No.VII of 1975**

“7.(1) اسپيڪر کي سرڪار جي خرچ سان سرڪاري ڪار جي استعمال جي سهولت ڏني ويندي.

(2) ڊپٽي اسپيڪر کي سرڪار جي خرچ سان سرڪاري ڪار جي استعمال جي سهولت ڏني ويندي.

**منسوخي**
**Repeal**

3.سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) آرڊيننس، 2006 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.